# جنّت جون بهارون

هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سنتن ڀريو بيان

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# جنّت جون بهارون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪيو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

حضرت سيّدنا جابر بن عبدالله رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان مروي آهي، تاجدار مدينہ منوره سلطان مڪ مڪرمہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: ”جنهن ماهہ رمضان حاصل ڪيو ۽ هن جا روزا نہ رکيا اهو شخص شقي (يعني بدبخت) آهي. جنهن پنهنجي والدين يا انهن مان ڪنهن هڪ سان سٺو سلوڪ نہ ڪيو اهو بہ شقي (يعني بدبخت) آهي. ۽ جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود نہ پڙهيو اهو بہ شقي (يعني بدبخت) آهي. (مجمع الزوائد ج 3، ص 340، حديث 4773)

ذکر و درود ہر گھڑی وردِ زبان رہے — میری فضول گوئی کی عادت نکال دو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو (2) جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُالله تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

---

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السيقن،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)



www.dawateislami.net

## بيان ڪرڻ جون نيّتون

مان بہ نيت ڪيان ٿو ۞ الله جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ۞ ڏسي بيان ڪندس ۞ سيپاري 14 سورة النحل آيت نمبر 125: اُدۡعُ اِلٰی سَبِیۡلِ رَبِّكَ بِالۡحِکۡمَةِ وَ الۡمَوۡعِظَةِ الۡحَسَنَةِ

”ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجھ ۽ چڱي نصيحت سان“ ۽ بخاري شريف (حديث: 4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوۡا عَنِّیۡ وَلَوۡ آيَة[1] يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ۞ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ۞ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دوران دل جي اخلاص تي توجُّھ رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ۞ مدني قافلي، مدني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ۞ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ۞ نظر جي حفاظت بٹائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] ...بخارى، كتاب احاديث الانبياء،باب ماذكر عن بنى اسرائيل،462/2،حديث:3461



www.dawateislami.net

## نعمتن جي هڪ جهلڪ

حَضرتِ سِيّدُنا عيسٰي بن مرحُوم عطّا ر عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَفَّار فرمائن ٿا: هڪ نيڪ سيرت ڪنيز حَضرتِ سِيّدُتنا رابعه عَدَوِيه رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهَا جي خدمت ۾ رهندي هئي. ان ڪنيز مونکي حَضرتِ سِيّدُتنا رابعه عَدَوِيه رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهَا جي عبادت ۽ رياضت جي باري ۾ ٻڌايو ته پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهَا سڄي سڄي رات نماز ۾ مشغول رهنديون هيون. جڏهن صبح صادق ٿيندي هئي ته ٿوري دير جي لاءِ پنهنجي مصلّي تي ليٽي رهنديون هيون ۽ جڏهن هلڪي هلڪي روشني ٿيڻ لڳندي هئي ته فورًا اُٿي بيهنديون هيون ۽ پنهنجي نفس کي مخاطب ٿي ڪري چونديون هيون: اي نفس! تون ان ناپائيدار دنيا ۾ ڪيستائين سمهندو رهندين؟ اڄ ڪجهه دير جاڳ، ڪجهه نيڪ اعمال ڪري وٺ، پوءِ قبر ۾ مٺي ننڊ سمهجان، اُتي توکي قيامت تائين ڪير ڪونه جڳائيندو، عمل هتي ڪري وٺ آرام اُتي ڪجان.

جاگنا ہے جاگ لے اَفلاک کے سائے تلے
حشر تک سوتا رہے گا خاک کے سائے تَلے

پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهَا ٻيهر عبادت ۾ مشغول ٿي وينديون هيون. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهَا پوري زندگي انهيءَ طرح عبادت ۽ رياضت ۾ گذاري. جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهَا جي وفات جو وقت ويجهو آيو ته مونکي گهرائي ڪري فرمائڻ لڳيون: "منهنجي موت جي سبب مونکي اذيت نه ڏجان يعني منهنجي مرڻ کان بعد واويلا نه ڪجان ۽ هن اُنَ جي جبي ۾ دفن ڪجان." پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهَا جي وفات کان بعد اسان سندن کي انهي اُنَ جي



www.dawateislami.net

جُبي جو ڪفن ڏنو جنهن جي پاڻ وصيت فرمائي هئي. سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْها جي وفات کان تقريبًا هڪ سال کان بعد مون ان نيڪ بيبي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْها کي خواب ۾ ڏٺو ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْها جنت جي اعلٰي درجن ۾ آهن ۽ سائي ريشم جو بهترين لباس بدن تي پائي رکيو آهي ۽ سائي ريشم جي پوتي پائي رکي هئي، خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! مون اهڙو خوبصورت لباس ڪڏهن به نه ڏٺو هوجهڙو پاڻ پهري رکيو هو.

پوءِ مون سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْها کان پڇيو: اي رابعہ! اوهان جي ان جبي جو ڇا ٿيو جنهن ۾ توهان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْها کي ڪفن ڏنو هو؟ " ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْها جن فرمايو: "الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! اهو لباس مون کان ورتو ويو ۽ ان جي جڳهہ هي بهترين لباس مونکي عطا ڪيو ويو جنهن کي تون ڏسي رهي آهين، ۽ منهنجي ان جُبي کي ويڙهي ڪري ان تي مُهر لڳائي وئي ۽ ان کي مقامِ عِلّيّين ۾ رکيو ويو ته جيئن قيامت جي ڏينهن ان جي بدلي مونکي ثواب عطا ڪيو وڃي." مون پڇيو: " اوهان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْها کي ڪيون ڪهڙيون ڪهڙيون نعمتون عطا ڪيون ويون؟ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْها فرمائڻ لڳيون: الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي نيڪ بندن جي لاءِ جيڪي نعمتون تيار ڪري رکيون آهن، اُهي بيان کان ٻاهر آهن. تو ته فقط ان نعمتن جي هڪ جهلڪ ئي ڏٺي آهي، ان کان علاوه نه ڄاڻي ڇا ڇا نعمتون ان پنهنجي اولياء جي لاءِ تيار ڪري رکيون آهن".

پوءِ مون عرض ڪيو: "مون ڪنهن اهڙي عمل جي متعلق ٻڌايو جنهن جي ذريعي مونکي الله عَزَّوَجَلَّ جو قُرب ۽ رضا نصيب ٿي وڃي." ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْها فرمايو: " ڪثرت سان ذڪرُالله ڪر، هروقت پنهنجي مٿان



www.dawateislami.net

ذڪرُالله ڪي لازم ڪري ڇڏ. جيڪڏهن ايئن ڪنديئن ته پري نه آهي ته توکي اهڙين نعمتن سان نوازيو ويندو جو تون قابلِ رشڪ ٿي وجين“.
(عيون الحڪايات،١/١٦٨، ملتقطاً)

گدا بھی منتظر ہے خُلد میں نیکوں کی دعوت کا
خُدا دن خَیر سے لائے سَخی کے گھر ضِیافت کا

(حدائقِ بخشش، ص٣٧)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو ته الله عَزَّوَجَلَّ جي هڪ نيڪ ٻانهي جڏهن پنهنجا ڏينهن رات ان جي ياد ۾ گذاريا، راتين جو اُٿي اُٿي ڪري پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪئي، انهي جي لاءِ پنهنجي خواهشات کي قربان ڪيو ۽ پنهنجي نفس جي مخالفت ڪئي، ته الله عَزَّوَجَلَّ ان تي پنهنجي رحمتن ۽ برڪتن جي ڪهڙو مينهن وسايو. اهو جبو جنهن کي پائي ڪري حَضرتِ سِيّدُتنا رابعه عَدَوِيه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْها نوافل پڙهنديون هيون ۽ عبادت ۽ رياضت ڪنديون هيون، ان جي بدلي الله عَزَّوَجَلَّ سندن اهڙي بهترين لباس سان نوازيو جو جنهن جي خوبصورتي نه ڏٺي نه ٻڌي، اهو ئي نه بلڪ قيامت جي ڏينهن ان لباس جي بدلي اجر ۽ ثواب به عطا ڪيو ويندو گڏوگڏ جنت جون ابدي نعمتون به حاصل ٿينديون. هي سڀ انعامات ۽ اڪرامات انهن کي ان لاءِ مليا جو اهي مؤمن هيون ۽ پنهنجي پوري زندگي نيڪين ۾ بسر ڪئي هئي. جيڪو مؤمن پوري زندگي نيڪ اعمال ڪندو رهندو ته ان جي لاءِ جنت جي بشارت آهي. جيئن ته سيپاري 5، سُوْرَةُ النِّساء آيت نمبر 124 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:



www.dawateislami.net

وَمَنۡ يَّعۡمَلۡ مِنَ الصّٰلِحٰتِ مِنۡ ذَكَرٍ اَوۡ اُنۡثٰى وَهُوَ مُؤۡمِنٌ فَاُولٰٓـئِكَ يَدۡخُلُوۡنَ الۡجَـنَّةَ وَلَا يُظۡلَمُوۡنَ نَقِيۡرًا ﴿۱۲۴﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ جيڪو چڱا ڪم ڪندو، مرد هجي يا عورت پر هجي مسلمان ته انهن کي جنّت ۾ داخل ڪيو ويندو ۽ انهن کي تِر برابر به نقصان نه ڏنو ويندو.

حڪيمُ الأمّت، حضرتِ علّامه مُفتي احمد يارخان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡحَنَّان هن آيتِ ڪريمه جي تحت ارشاد فرمائن ٿا: جيڪو به انسان مرد هجي يا عورت بقدرِطاقت عمل ڪري نيڪ ۽ هجي اهو مؤمن صحيح العقيده ان جي جزا هي آهي ته اهو قيامت کان پوءِ جنت ۾ ويندو. اعمال جي مطابق ان کي جنت جو درجو ملندو ۽ ان تي تِر برابر به ظلم نه ٿيندو جو هجي ته اهو وڏي درجي جو مستحق ۽ بِلاقُصور ان جو درجو گهٽائي ان کي ادنٰي درجي ۾ داخل ڪيو وڃي هي هرگز نه ٿيندو. (تفسيرِ نعيمي، ۵/۴۳۳)

میں ان کے دَر کا بِھکاری ہوں فضلِ مولیٰ سے
حسنؔ فقیر کا جنَّت میں بِسترا ہوگا

(ذوقِ نعت، ص۲۹)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اهلِ جنت نعمتن جو مزو وٺندي

منا منا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته صحيحُ العقيده مؤمن کي ان جي اعمال جي جزا جي طور تي جنت ۾ داخل ڪيو ويندو ۽ ان جي اعمال جي برابر ان کي جنت ۾ درجو ملندو. قرآنِ پاڪ ۾ ڪيترن ئي جڳهن تي اهلِ جنت کي ملڻ وارين نعمتن جو بيان ڪيو ويو



www.dawateislami.net

آهي.جيئن تہ ان نعمتن جي منظر ڪشي ڪندي سيپاري 27، سُوْرَةُالْواقِعه جي آيت نمبر 15 کان آيت نمبر 21 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

عَلٰى سُرُرٍ مَّوْضُوْنَةٍ ﴿۱۵﴾ مُّتَّكِـٕیْنَ عَلَیْهَا مُتَقٰبِلِیْنَ ﴿۱۶﴾ یَطُوْفُ عَلَیْهِمْ وِلْدَانٌ مُّخَلَّدُوْنَ ﴿۱۷﴾ بِاَكْوَابٍ وَّ اَبَارِیْقَ ﳔ وَ كَاْسٍ مِّنْ مَّعِیْنٍ ﴿۱۸﴾ لَّا یُصَدَّعُوْنَ عَنْهَا وَ لَا یُنْزِفُوْنَ ﴿۱۹﴾ وَ فَاكِهَةٍ مِّمَّا یَتَخَیَّرُوْنَ ﴿۲۰﴾ وَ لَحْمِ طَیْرٍ مِّمَّا یَشْتَهُوْنَ ﴿۲۱﴾ وَ حُوْرٌ عِیْنٌ ﴿۲۲﴾ كَاَمْثَالِ اللُّؤْلُؤِ الْمَكْنُوْنِ ﴿۲۳﴾ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا یَعْمَلُوْنَ ﴿۲۴﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** (جنّتي ماڻهو) جڙائودار تختن تي هوندا انهن تي ٽيڪ لڳائيندڙ هڪ ٻئي جي آمهون سامهون انهن جي چؤ طرف ڦرندا رهندا هميشہ رهڻ وارا ڇوڪرا آبخورا ۽ ڪونرا (ڪٽي) ۽ پيالا اکين آڏو جاري شراب جو ان جي ڪري نہ انهن کي مٿي ۾ سور پوي ۽ نہ ئي هوش ۾ فرق اچي ميوا جيڪي پسند ڪن ۽ پکين جو گوشت جيڪي چاهن ۽ وڏين اکين واريون حورون جيئن لڪائي رکيل موتي انعام انهن جي عملن جو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ قرآنِ پاڪ جي ان مبارڪ آيتن ۾ اهلِ جنت کي ڏني ويندڙ جنتي نعمتن جي ڪهڙي منظرڪشي ڪئي وئي آهي جو اهلِ جنت باغات ۾ آمهون سامهون وهاڻو لڳائي آرام سان ويٺل هوندا، انهن جي خدمت تي مقرر غلام ڇلڪندڙ جام، لبالب پيالا ۽ آفتابا ڪٽي ان جي ساجي کابي حڪم جا منتظر هوندا، سامهون وهندڙ پاڪيزه شرابن، من پسند غذائن ۽ عمده ميون سان انهن جي مهمان نوازي ٿيندي، الغرض جنت ۾ اهلِ جنت پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي رحمت جا مزا ماڻي رهيا هوندا ۽ طرح طرح جي نعمتن سان



www.dawateislami.net

مستفيض ٿي رهيا هوندا. ياد رکو! جنت ۾ ملڻ واري ڪنهن به نعمت ڪي دنيا جي ڪنهن شيءِ ڪان ادنٰي نسبت به حاصل نه آهي. جنت ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان ملڻ وارن انعامن ۽ اڪرامن جو دنيا ۾ ميسّر اچڻ وارين شين سان ڪو به موازِنو نه آهي.

## احاديثِ مبارڪ:

اچو ته ”جنت“ جي 3 اکرن جي نسبت سان جنت جي متعلق ٿي احاديثِ مبارڪ ٻڌون ٿا:

1. نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو مون پنهنجي نيڪ ٻانهن جي لاءِ اهي نعمتون تيار ڪري رکيون آهن جو نه ڪنهن اک ڏٺيون، نه ڪنهن ڪن ٻڌيون ۽ نه ڪنهن ماڻهو جي دل تي ان جوگمان گذريو. (مسلم ، ڪتاب الجنة وصفة نعيمها واهلها ،ص:١٥١٦، حديث:٢٨٢٤، بهارشريعت،١/١٥٢)

2. جنت ۾ 100 درجا آهن، هر درجي ۾ آسمان ۽ زمين جيترو فاصلو آهي ۽ فردوس سڀ ڪان بلند درجو آهي، ان مان جنت جا چار دريا وهي رهيا آهن ۽ ان جي مٿان عرش آهي، ته جڏهن توهان الله عَزَّوَجَلَّ ڪان سُوال ڪريو ته فردوس جو ڪريو. (جامع الترمذي، ڪتاب صفة الجنة ،باب ماجاء في...الخ، الحديث٢٥٣٩، ج٤،ص٢٣٨)

3. ”جنت جي ايتري جڳهه جنهن ۾ ڪَوڙو(دُرو) رکي سگهجي، دُنيا ۽ جيڪو ڪجهه ان ۾ آهي سڀ ڪان بهتر آهي.“ (بخاري ،ڪتاب بدء الخلق، باب ماجاء في صفة الجنة وانها مخلوقة ، ٢/٣٩٢، الحديث:٣٢٥٠،بهارشريعت، ١/١٥٣)



www.dawateislami.net

قسمت میں غمِ دُنیا، جنَّت کا قبالہ ہو
تقدیر میں لکھا ہو جنّت کا مَزہ کرنا

(سامانِ بخشش،ص٥٦)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! واقعي جنت ۾ هميشه رهڻ وارين نعمتن جو دنيا جي فاني شين سان ڪو مقابلو ناهي. يقينًا عقلمند شخص اهو آهي جيڪو جنت جون هميشه رهڻ وارين نعمتن کي هن جهان جي فاني نعمتن تي ترجيح ڏي ۽ انهن نعمتن جي حُصُول جي ڪوشش ڪري جيڪا هميشه رهڻ واريون آهن. پر افسوس! اسان جي اڪثريت ان ڳالهه کان غافل ۽ پنهنجي زندگين کي هن فاني جهان جي عارضي رنگينين سان رنگڻ ۾ مصروف ۽ مشغول آهي. ياد رکو! دنيا ۽ ان جي رنگينين جو مثال ان نانگ جيان آهي جنهن کي هٿ لڳايون ته نرم ۽ نازڪ معلوم ٿيندو آهي پر ان جو زهر جان ليوا هوندو آهي! بلڪل اهري طرح دنيا به ڏسڻ ۾ تمام ئي خوشنما آهي پر حقيقت ۾ تمام گهٽي تباهه ڪندڙ ۽ هلاڪت واري آهي. تنهن ڪري دنيا جو فڪر ڇڏيو ۽ آخرت بهتر بنائڻ تي توجه ڏيو. موت کان پهرين جيتري قدر ممڪن هجي نيڪيون ڪري وٺو. نه ته سڪرات جي وقت پڇتائڻ کان سوا ڪو چارو نه هوندو. حُضُور نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ نيڪ اعمال جي طفيل دنيا به عطا ڪري ڇڏيندو آهي ، پر اعمالِ دنيوي سان آخرت عطا نه ڪندو آهي. (الزهد لابن مبارڪ،باب هوان الدنيا علي الله،ص١٩٣،حديث:٥٤٩،بتغير قليل،از منهاج العابدين ص٤٥٧) تنهنڪري



www.dawateislami.net

آخرت بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪريون! اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان دنيا بہ سنورجي ويندي، آخرت بہ سنورجي ويندي ۽ جنت جي لازوال نعمتون بہ نصيب ٿينديون.

ہم نے مانا کہ گُناہوں کی نہیں حد لیکن!
تُو ہے ان کا تو حَسَن تیری ہے جنّت تیری

(ذوقِ نعت،ص١٥٦)

منا منا اسلامي ڀائرو! يقينًا دنيا جي محبت ۽ مال و دولت جي خواهش کان بچندي جنت حاصل ڪرڻ لاءِ عمل ڪرڻ انتهائي دشوار مرحلو آهي. پر جيڪڏهن اسين آخرت ۾ ملڻ وارين آسانين، شادمانين ۽ آسائشن تي نظر رکنداسين تہ يقينًا اسان جي لاءِ عمل ڪرڻ آسان ٿي ويندو. ان کي ايئن سمجهو تہ اسان جي سامهون 100 روپيہ ۽ هڪ لک روپيہ رکيا وڃن ۽ ان مان ڪنهن هڪ کي کڻڻ جو اختيار ڏنو وڃي تہ يقينًا اسان مان هر شخص هڪ لک روپي تي ئي نظر رکندو ۽ هڪ لک روپيہ ئي وٺڻ چاهيندو، 100 روپيہ جي طرف ڪو عقلمند اک کڻي بہ نہ ڏسندو. بلڪل اهڙي طرح دُنْيَا وَمَافِيْهَا يعني (دنيا ۽ جيڪو ڪجھ ان ۾ آهي) ان جو مثال 100 واري نوٽ جهڙو آهي. جڏهن تہ آخرت ۾ ملڻ وارا فائدا ۽ جنت ۾ ملڻ واريون نعمتون تہ اهڙيون آهن جن جو ڪو ملهہ ئي نہ آهي ڇو جو دنيا جي عارضي نعمتن جو جنت جي هميشہ رهڻ وارين نعمتن سان مقابلو ئي ناهي. تنهنڪري دنيا جي فڪر کي ڇڏيو ۽ آخرت ڪمائڻ، نيڪين ۾ دل لڳائڻ ۽ جنت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو.



www.dawateislami.net

مُفلسو! ان کی گلی میں جا پڑو!
باغِ خُلد اِکرام ہو ہی جائے گا
(حدائقِ بخشش، ۴۱)

اچو تہ ترغيب جي لاءِ ”جنت جون ڪجھ بهارون“ ٻڌون ٿا.

## جنت جون بهارون

جيڪڏهن جنت جي ذري برابر شيء دنيا ۾ ظاهر ٿئي تہ تمام زمين ۽ آسمان ان سان سينگارجي وڃن ۽ جيڪڏهن جنتي جو ڪنگڻ ظاهر ٿئي تہ سج جي روشني ختم ڪري ڇڏي، جيئن سج ستارن جي روشني ختم ڪري ڇڏيندو آهي. (سنن ترمذي، ڪتاب صفة الجنة، باب ماجاء في صفة اهل الجنة، حديث 2547، ج 4، ص 241) هن (جنت) ۾ قسم قسم جا جواهر جا محل آهن، ايڏا صاف ۽ شفاف جو اندريون حصو ٻاهران کان ۽ ٻاهر جو اندران نظر اچي. (الترغيب و الترهيب، ڪتاب صفة الجنة والنار، فصل في درجات الجنة و غرفها، حديث 27، ج 4، ص 281) جنت جون پٽيون سون ۽ چانديءَ جي سرن ۽ مشڪ جي گاري سان نهيل آهن. (مجمع الزوائد، ڪتاب اهل الجنة، باب في بناء الجنة وصفتها، حديث 18642، ج 10، ص 732) هڪ سر سون جي، هڪ چاندي جي، زمين زعفران جي، پٿرين جي جڳھ تي موتي ۽ ياقوت. (سنن الدارمي، ڪتاب الرقائق، باب في بناء الجنة، حديث 2821، ج 2، ص 429) هڪ ٻي روايت ۾ آهي تہ جنت عدن جي هڪ سر سفيد موتي جي آهي، هڪ ڳاڙهي ياقوت جي، هڪ سبز زبرجد جي، گارو مشڪ جو آهي ۽ گاھ جي جڳھ تي زعفران آهي، موتين جون پٿريون ۽ عنبر جي مٽي آهي. (الترغيب و الترهيب، ڪتاب صفة الجنة والنار، الترغيب في الجنة ونعيمها، حديث 33، ج 4، ص 283)



www.dawateislami.net

## جنت جا دريا

جنت ۾ چار دريا آهن، هڪ پاڻي جو، ٻيو کير جو، ٽيون ماکيءَ جو، چوٿون شراب جو، وري انهن مان نهرون نڪري هر هڪ جي مڪان ڏانهن جاري آهن. اتان جون نهرون زمين کوٽي ڪري نه بلڪ زمين جي مٿان جاري آهن، نهرن جو هڪ ڪنارو موتي جو، ٻيو ياقوت جو آهي ۽ انهن نهرن جي زمين خالص مشڪ جي آهي. (الترغيب و الترهيب، كتاب صفة الجنة و النار، فصل في انهار الجنة، حديث 5734-35،ج 4، ص 315) جنت جو شراب دنيا جي شراب جهڙو ناهي، جنهن ۾ بدبوء ڪڙواهٽ ۽ نشو هوندو آهي ۽ پيئڻ وارا بي عقل ٿي ويندا آهن، آپي کان ٻاهر نڪري بيهوده بڪندا آهن، اهو پاڪ شراب هنن سيني ڳالهين کان پاڪ ۽ سٿرو آهي. (تفسير ابن ڪثير، ج 7، ص 289)

## جنت جا ڪاڏا

جنت ۾ هر قسم جا لذيذ کان لذيذ ڪاڌا ملندا. جنهن جي خواهش ڪندا فورًا اهو سامهون موجود هوندو. (تفسير ابن ڪثير، ج 7، ص 162) جيڪڏهن ڪو پکي ڏسي اُن جو گوشت کائڻ جي خواهش هوندي ته انهيءَ وقت ڀُڳل ان وٽ اچي ويندو. (الترغيب و الترهيب، كتاب الصفة الجنة و النار، حديث 73، ج 4، ص 292) جيڪڏهن پاڻي وغيره جي خواهش هوندي ته پيالو پاڻ ئي هٿن ۾ اچي ويندو ۽ ان ۾ صحيح اندازي جي مطابق پاڻي، کير، ماکي هوندي جيڪو پيئڻ واري جي خواهش کان نه هڪ قطرو گهٽ هوندو نه وڌيڪ، پيئڻ کان بعد (اهي پيالا) جتان آيا هوندا خود بخود هليا ويندا. (الترغيب و الترهيب، كتاب الصفة الجنة و النار، حديث 66، ج 4، ص 290)



www.dawateislami.net

هڪ خوشبودار فرحت بخش اوڳرائي ايندي، خوشبودار فرحت بخش پگهر نڪرندو، سڀ ڪاڌو هضم ٿي ويندو ۽ اوڳرائي ۽ پگهر مان مشڪ جي خوشبو نڪرندي. (صحيح مسلم، حديث 2835، ص 152)

## خادمن ۽ غلمانن جي ڪثرت

گهٽ ۾ گهٽ هر شخص جي سيرانديءَ کان ڏهه هزار خادم بيٺا هوندا، هر هڪ خادم جي هڪ هٿ ۾ چاندي جو پيالو هوندو ۽ ٻئي هٿ ۾ سون جو ۽ هر پيالي ۾ نئين نئين رنگ جي نعمت هوندي. (الترغيب و الترهيب، ڪتاب الصفة الجنة و النار، حديث 70، ج 4، ص 291) جيترو کائيندو ويندو ذائقي ۾ ڪمي نه ٿيندي بلڪ واڌارو ٿيندو، هر گرهه ۾ ستر مزا هوندا، هر مزو ٻئي مزي کان ممتاز هوندو، اهي هڪ ئي وقت ۾ محسوس ٿيندا، هڪ جو احساس ٻئي سان رڪاوٽ نه ٿيندو جنتين جا نه لباس پراڻا ٿيندا، نه انهن جي جواني فنا ٿيندي. (صحيح مسلم"، كتاب الجنة وصفة نعيمها وأهلها، باب في دوام نعيم أهل... إلخ، الحديث: ٢٨٣٦، ص١٥٢١، بهارشريعت ،١/١٥٧)

## جنت جي بازار ۾ رب غفار جو ديدار

جنت ۾ نند ناهي (جو ته) ننڊ هڪ قسم جو موت آهي. (معجم اوسط، ١/٢٦٦، حديث:٩ ١٩) ۽ جنت ۾ موت ناهي. جنتي جڏهن جنت ۾ ويندا هر هڪ پنهنجي عملن جي مطابق مرتبو حاصل ڪندو ۽ ان جي فضل جي حد ناهي. انهن کي دنيا جي هڪ هفتي جي مقدار جي بعد اجازت ڏني ويندي ته پنهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي زيارت ڪن، عرش الٰهي ظاهر ٿيندو ۽ رب (عَزَّوَجَلَّ) جنت جي باغن مان هڪ باغ ۾ تجلي فرمائيندو ۽ جنتين جي لاءِ منبر وڇايا ويندا، نور جا منبر، موتي جا منبر، ياقوت جا



www.dawateislami.net

منبر، زبرجد جا منبر، سون جا منبر، چاندي جا منبر ۽ انهن مان ادنٰي مشڪ ۽ ڪافور جي ٽلهي تي ويهندو ۽ انهن ۾ ڪوئي ادنٰي ناهي، پنهنجي گمان ۾ ڪرسي وارن کي ڪجهه پاڻ کان وڌيڪ نه سمجهندا ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جو ديدار اهڙو صاف ٿيندو جيئن سج ۽ چوڏهين جي رات جي چنڊ کي هر هڪ پنهنجي پنهنجي جڳهه تان ڏسندو آهي نه هڪ جو ڏسڻ ٻئي جي لاءِ رڪاوٽ ناهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ هر هڪ تي تجلي فرمائيندو ۽ انهن مان ڪنهن کي فرمائيندو: اي فلان بن فلان! تو کي ياد آهي، جنهن ڏينهن تون هيئن هيئن ڪيو هو.... ؟! دنيا جا ڪجهه گناهه ياد ڏياريندو، بندو عرض ڪندو: يا رب عَزَّوَجَلَّ! ڇا تون مون بخشي نه ڇڏيو؟ فرمائيندو: ها! منهنجي مغفرت جي وسعت جي سبب تون هن مرتبي تي پهتوآهين، اهي سڀ انهي حالت ۾ هوندا جو بادل ڇانئجي ويندا ۽ انهن تي خوشبو وسائيندا جو ان جهڙي خوشبو انهن ماڻهن ڪڏهن حاصل نه ڪئي هئي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ فرمائيندو نه وڃو ان جي طرف جيڪا عزت مان توهان جي لاءِ تيار ڪري رکي آهي، جيڪو چاهيو وٺو، پوءِ ماڻهو هڪ بازار ۾ ويندا. جنهن کي ملائڪ گهيري بيٺا هوندا، ان ۾ اهي شيون هونديون جو انهن جهڙيون نه اکين ڏٺيون نه ڪنن ٻڌيون ۽ نه ئي دلين تي انهن جو خيال گذريو. انهن مان جيڪا شيءِ چاهيندا انهن کي ڏني ويندي ۽ خريد و فروخت نه هوندي، جنتي ان بازار ۾ هڪ ٻئي سان ملندا. ننڍي مرتبي وارو وڏي مرتبي واري کي ڏسندو، ان جو لباس پسند ڪندو، اڃا گفتگو ختم ئي نه ٿي هوندي نه خيال ڪندو نه منهنجو لباس هن کان سٺو آهي ۽ هن جو سبب هي آهي نه جنت ۾ ڪنهن جي لاءِ غم ناهي. پوءِ اتان پنهنجي



www.dawateislami.net

مڪانن تي واپس ايندا. انهن جون ٻيبيون استقبال ڪنديون، مبارڪباد ڏئي چونديون تہ اوهان واپس آيوء. اوهان جو جمال ۽ اوهان جو حسن پهريان ڪان وڌي ويو آهي، جواب ڏيندا پروردگار عزوجل جي حضور اسان کي ويهڻ نصيب ٿيو تہ اسان کي ائين ٿيڻو هو. - ("سنن الترمذي"، كتاب صفة الجنة، باب ما جاء في سوق الجنة، الحديث:٢٥٥٨، ج۴، ص٢۴۶، بهارشريعت ،١/١۶٠) **جنتي پاڻ** ۾ ملڻ چاهيندا تہ هڪ جو تخت ٻئي ڏانهن هليو ويندو. ("الترغيب والترهيب"، كتاب صفة الجنة والنار،الحديث: ١١٥، ج۴، ص٣٠۴، بهارشريعت ،١/١۶٢) ۽ هڪ روايت ۾ آهي تہ انهن وٽ نهايت اعلٰي درجي جون سواريون ۽ گهوڙا آندا ويندا ۽ انهن تي سوار ٿي جيڏانهن چاهيندا، ويندا - ("سنن الترمذي"، كتاب صفة الجنة،باب ماجاء فيصفة خيل الجنة،الحديث:٢٥٥٣، ج۴، ص٢۴۴.، بهارشريعت ،١/١۶٢) سڀ ڪان گهٽ درجي جي جنتي جا باغات ۽ ٻيبيون ۽ نعمتون ۽ خادم ۽ تخت هزار سالن جي مفاصلي تائين هوندا. ۽ انهن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو سڀ ڪان معزز اهو هوندو جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي ديدار سان هر صبح ۽ شام مشرف ٿيندو. ("سنن الترمذي"، كتاب صفة الجنة، باب منه، الحديث: ٢٥۶٢، ج۴، ص٢۴٩ ، بهارشريعت ،١/١۶٢) **جڏهن** جنتي جنت ۾ ويندا تہ الله عَزَّوَجَلَّ انهن کي فرمائيندو: ”ڪجهه ٻيو بہ چاهيو ٿا جيڪو اوهان کي ڏيان“ عرض ڪندا: تون اسان جا چهرا روشن ڪيا، جنّت ۾ داخل ڪيو، جهنّم ڪان نجات ڏني، ان وقت پردو جيڪو مخلوق تي هيو، کڄي ويندو تہ ديدارِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ ڪان وڌيڪ انهن کي ڪائي شيء نہ ملي هوندي (صحيح المسلم، كتاب الإيمان، باب إثبات رؤية المومنين في الآخرة...إلخ، ص١١٠، الحديث:١٨١، بهارشريعت ،١/١۶٢)

عَفُو کر اور سَدا کے لیے راضی ہو جا!
گر کرم کر دے تو جنّت میں رہوں گا یارَبّ!



www.dawateislami.net

(وسائلِ بخشش، ص۸۵)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جنّت جي لاءِ ڪوشش ڪيو

مِنا مِنا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان اهل جنّت کي ڪهڙين ڪهڙين اعليٰ نعمتن سان نوازيو ويندو هميشہ واري زندگي ملڻ سان گڏ، خوشبودار مشروب، موتين جا خيما، ماکي ۽ شراب جون نهرون لڳندڙ منبر، انهن تي لڳل اعليٰ درجي جا جنّتي وهاڻا، اکين کي وڻندڙ موتين سان سجايل تاج پر پاسي جنّتي غلمانن ۽ خادمن جو هجوم هر قسم جي فڪرن کان بي نياز تي اهلِ جنّت پنهنجي اعمال جي جزا جي بدلي ۾ ربّ عَزَّوَجَلَّ جي نعمتن سان لطف اندوز تي رهيا هوندا اسان کي بہ گهرجي تہ اسان بہ اهڙيون عاليشان نعمتون حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳي وڃون. حجة الاسلام حضرت سيّدنا امام محمد بن محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا: يقيناً تعجب آهي اهڙي شخص تي جيڪو جنّت جهڙو عاليشان مڪان هجڻ تي ايمان رکندو هجي، ان جي تعريفن کي سچو مڃيندو هجي ۽ ان ڳالھ جو ڪامل يقين رکندو هجي تہ هن ۾ رهڻ وارن کي ڪڏهن بہ موت نہ ايندو، (ان کي خبر هجي تہ) جيڪو هن (گهر) ۾ اچي وڃي ان کي ڏک نہ ستائيندا، هن ۾ رهڻ وارن جي حالت ڪڏهن بہ تبديل نہ ٿيندي ۽ اهي هميشہ امن ۽ سڪون سان رهندا، هي سڀ ڄاڻڻ جي باوجود بہ اهڙي گهر ۾ دل لڳائيندو هجي جيڪو اجڙڻ وارو آهي، جنهن جو عيش ختم ٿيڻ وارو آهي، خدا جو قسم! جيڪڏهن جنّت ۾ صرف موت جو خوف نہ هجي



www.dawateislami.net

ها، انسان بک اچ ۾ تمام حادثن کان بي خوف رهي سگهي ها ۽ ٻيا انعام نہ بہ هجن ها تڏهن بہ اها جنّت ان لائق هئي تہ ان جي لاءِ دنيا کي ڇڏيو وڃي ۽ هن تي اهڙي شيءِ کي ترجيح نہ ڏني وڃي ها جيڪا ختم ٿيڻ واري آهي جڏهن تہ جنّت ۾ رهڻ وارا بي خوف بادشاهن وانگر هجن، رنگا رنگ مسرتن، راحتن سان همڪنار، هر خواهش کي حاصل ڪرڻ وارا هجن، هر روز عرش اعظم جي قرب ۾ وڃڻ وارا هجن، احسان فرمائڻ واري ربّ جو ديدار ڪرڻ وارا هجن، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کي اهڙي بي مثال نگاهن سان ڏسڻ وارا هجن جو جنهن نگاهہ سان جنّت جون نعمتون نہ ڏسندا هئا اهي انهن نعمتن کان ڦرڻ وارا نہ هجن، هميشہ انهن نعمتن ۾ رهن ۽ ان جي زوال کان امن ۾ هجن.

(مڪاشفة القلوب ص 244)

منا منا اسلامي ڀائرو! ڪيتري قدر حيرت آهي جو اسان جو ڪوئي پاڙي وارو يا عزيز بلند ماڙي (ڪوٺي) تياري ڪري وٺي يا بهترين ڪار خريد ڪري يا ڪهڙي بہ صورت ۾ پنهنجي دنياوي آسائش جو معيار بلند ڪري وٺي تہ اسان فوراً ان کان اڳتي وڌي وڃڻ جي جستجو ۾ لڳي ويندا آهيون. ليڪن هاءِ افسوس! جو اسان متّقي ۽ پرهيزگار بندن کي ڏسي هي تمنّا ڇو ناهيون ڪندا تہ جهڙي طرح هي جنّت جي درجن جي بلندي جي طرف وڌي رهيو آهي، مان بہ اهڙي طرح ڪوشش ڪيان، مان بہ باجماعت نماز جو پابند ٿيان، تلاوت ڪيان، سنّتن جو پيڪر بڻجي وڃان، مدني انعامات جو عامل ۽ مدني قافلن ۾ سفر جو پابند ٿيان، دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ شروع کان آخر تائين شرڪت ڪيان. جهڙي طرح ظاهري



www.dawateislami.net

عبادات ۽ حسن اخلاق جي اعتبار کان ماڻھن کي مختلف درجن ۾ ورهايو ويندو آھي اھڙي طرح اجر ۽ ثواب جي درجن جي تقسيم آھي، جيڪڏھن اسان سڀ کان اعلٰي درجو حاصل ڪرڻ جي تمنّا رکون ٿا تہ ان جي لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪرڻ پوندي جيئن تہ 4 سيپاري سوره اٰل عمران جي آيت نمبر 133 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَ سَارِعُوْۤا اِلٰى مَغْفِرَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَ جَنَّةٍ عَرْضُهَا السَّمٰوٰتُ وَ الْاَرْضُۙ اُعِدَّتْ لِلْمُتَّقِیْنَۙ (۱۳۳)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ ڊُڪ ڀريو پنھنجي پالڻھار جي بخشش ۽ انھيءَ بھشت ڏانھن جنھن جي ويڪر ۾ سڀ آسمان ۽ زمين اچي وڃن جيڪو پرھيزگارن لاءِ تيار ڪيو ويو آھي.

صدرالافاضل مولانا مفتي سيد محمد نعيم الدين مراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِی فرمائن ٿا: ڊوڙڻ مان مراد توبہ، فرضن جي ادائگي ۽ اطاعت ۽ اخلاص وارا عمل اختيار ڪري يعني اللہ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاه ۾ پنھنجي گناھن کان توبہ ڪندي، فرائض مثلاً نماز روزو وغيره ۽ ٻين احڪامات شرعيّہ تي اخلاص سان گڏ عمل جي ذريعي رب عزوجل جي بخشش ۽ جنّت جي طرف ڊوڙو ھي رستا جنّت جي طرف وني ويندا آھن.

کل نارِ جہنّم سے حسؔن امن و اماں ہو
اس مالکِ فردوس پہ صدقے ہوں جو ہم آج

(ذوقِ نعت، ص ۷۰)



www.dawateislami.net

منا منا اسلامي ڀائرو! ڏنو توهان نيڪ عملن کي جنّت تائين پهچڻ جو رستو قرار ڏنو ويو آهي يقيناً اسان سڀني مان هر هڪ جي هي خواهش هوندي تہ جنّت جي عاليشان نعمتن ۽ هن جي باغن جي سير سان اسان لطف اندوز ٿيون، تہ ياد رکو! نيڪ عمل جنّت تائين پهچڻ جي لاءِ پُل جو ڪردار ادا ڪن ٿا. تہ اسان کي بہ نيڪ عملن جي ڪثرت ڪرڻ گهرجي!

## نفلن جي ڪثرت

منقول آهي تہ حضرت سيّدنا ازهر بن مُغيث رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جيڪي نهايت عبادت گذار هئا، فرمائن ٿا مون خواب ۾ هڪ اهڙي عورت ڏٺي جيڪا دنيا جي عورتن وانگرنہ هئي. مان هن کان پڇيو توهان ڪير آهيو؟ هن جواب ڏنو: ”مان جنّت جي حُور آهيان“ هي ٻڌي ڪري مان هن کي چيو: مون سان شادي ڪر، هن جواب ڏنو: منهنجي مالڪ وٽ شادي جو پيغام پهچايو ۽ منهنجو مهر ادا ڪيو. مان پڇيو: تنهنجو مهر ڇا آهي؟ هن چيو: رات ۾ دير تائين نماز پڙهڻ. (المجرالرابح في ثواب العمل الصالح 187، (جنت میں لے جانے والے اعمال ص 148)

وہ تو نہایت سستا سودا بیچ رہے ہیں جنّت کا
ہم مُفلِس کیا مَول چُکائیں اپنا ہاتھ ہی خالی ہے

(حدائقِ بخشش، ص۱۸٦)

## اِستغفار جي فضيلت

منا منا اسلامي ڀائرو! اِشراق، چاشت ۽ تهجد جا نوافل ادا ڪيو ۽ پاڻ کي جنّت جو حقدار بڻايو. توري زبان هلايو، اَسْتَغْفِرُ اللهَ الْعَظِيْم



www.dawateislami.net

زبان تي آڻيو ۽ جنّت جون حورون حاصل ڪيو. جيئن تہ هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه 40 سالن تائين الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪئي. هڪ دفعي دعا ڪئي يا الله عَزَّوَجَلَّ! تنهنجي رحمت سان مونکي جيڪو ڪجھ جنّت ۾ ملڻ وارو آهي ان جي ڪا جهلڪ دنيا ۾ بہ ڏيکار اجا دعا جاري هئي تہ يڪدم محراب شق ٿي ويو ۽ ان مان هڪ حسين حُور ظاهر ٿي، هن چيو تہ توکي جنّت ۾ مون جهڙيون 100 حُورون ملنديون جنهن ۾ هر هڪ جون 100،100 خادمہ ۽ هر خادمہ کي 100،100 ڪنيز (نوڪرياڻيون) هونديون ۽ هر نوڪرياڻين تي 100،100 ناظمہ (يعني انتظام ڪرڻ واريون) هونديون. هي ٻڌي ڪري اهو بزرگ خوش ٿي جهومي اٿيو ۽ سُوال ڪيو: ڇا ڪنهن کي جنّت ۾ مون ڪان وڌيڪ بہ ملندو؟ جواب مليو: ايترو تہ هر عام جنّتي کي ملندو جيڪو صبح ۽ شام، اَسْتَغْفِرُ اللهَ الْعَظِيْم پڙهندو آهي. (رَوْضُ الرَّياحِين ص۵۵،از غيبت کی تباه كاريان،ص۹۸)

یہ رَحمتیں کہ کچی مَتیں، نہ چھوڑیں لَتیں، نہ اپنی گتیں
قُصُور کریں اور ان سے بھریں قُصُورِ جناں تمہارے لیے

(حدائقِ بخشش، ص۳۵۱)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان هر اهو شخص جيڪو صبح ۽ شام استغفار پڙهندو ان کي جنّتي حورون ملنديون. اهڙي طرح جنّت ۾ داخلا ۽ اتان جا اعلٰي درجا حصل ڪرڻ جو ذريعو بنجڻ وارن عملن ۾ هڪ عمل سلام کي عام ڪرڻ ۽ ڪاڏو ڪارائڻ آهي، سلام کي عام ڪرڻ ۽ ٻين کي پاڻ وٽان ڪجھ نہ ڪجھ عطا ڪرڻ جي عادت وجھڻ



www.dawateislami.net

سان جتي انسان جي وقار کي چار چنڊ لڳي ويندا آهن ۽ اهو شخص ان خوش نصيبن ۾ به شامل ٿي ويندو آهي جنهن لاءِ جنّت جي نويد (يعني خوشخبري) آهي. فرمانِ مصطفٰي صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: سَلام کي عام ڪريو ۽ ڪاڏو ڪارايو جنّت ۾ داخل ٿي ويندوء. (الاحسان بترتيب ابن حبان ڪتاب البر والاحسان، باب افشاء السلام، حديث 489، ج1، ص 356)

سُنّتیں اپنا کے حاصل بھائیو! رَحمتِ مَولیٰ سے جنّت کیجئے!

(وسائلِ بخشش، ص۵۰۹)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اهڙي طرح قُدرت هجڻ جي باوجود بدلو نه وٺڻ به اهڙو عمل آهي جو هن سان نه صرف محبتن جو رشتو قائم ۽ دائم رهندو آهي بلڪ بروزِ قيامت عزتن جو معراج به نصيب ٿيندو. حديث پاڪ ۾ آهي: ”جيڪو بدلو وٺڻ تي قادر هجڻ جي باوجود غُصّو پي وڃي، اللہ عَزَّوَجَلَّ ان کي ماڻهن جي سامهون گهرائيندو هن کي اختيار ڏيندو ته جنّت جي حُورن مان جنهن کي چاهي پسند ڪري. (ابن ماجه ڪتاب الزهد، باب الحلم، حديث 4186، ج4، ص 462) يقيناً سياڻي قيامت جي سخت امتحان واري ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ جنهن کي گهرائي اِنعامن سان نوازيندو هن کان وڌيڪ ڀيو ڇا ٿي سگهي ٿو.

بِلا حساب ہو جنّت میں داخِلہ یارَبّ! پڑوس خُلد میں سَروَر کا ہو عَطا یارَبّ!

(وسائلِ بخشش، ص۸۲)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

اهڙي طرح نيڪيون وڌائڻ ۽ آخرت جو ثواب ڪمائڻ جي لاءِ قرآن پاڪ جي تلاوت جي بہ عادت بنائڻ گهرجي. يقيناً هن جي سبب جتي رحمتن ۽ برڪتن جا دروازا کلندا آهن اتي ئي حديث پاڪ ۾ جنّت جا اعلٰي مرتبا حاصل ڪرڻ جي نويد بہ آهي. فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: قرآن پڙهڻ واري کي چيو ويندو قرآن پڙهندو وڃ جنّت جا درجات طئي ڪندو وڃ ۽ آهستي آهستي پڙهہ جيئن تون دنيا ۾ آهستي آهستي پڙهندو هئين تہ جتي تون آخري آيت پڙهندين هوندي اتي تنهنجو ٺڪاڻو هوندو. (سنن ابي داود، ڪتاب الوتر،باب الاستحباب الترتيل في قراءة، حديث 1464، ج 2، ص 104)

شاد ہے فردوس یعنی ایک دن
قسمتِ خدام ہو ہی جائے گا

(حدائقِ بخشش،ص۴۰)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان دنيا ۾ آهستي آهستي صحيح طريقي سان قرآن پاڪ پڙهڻ واري جا وارا ئي نيارا آهن. اهڙي شخص کي چيو ويندو قرآن پڙهندو وڃ ۽ جنّت ۾ پنهنجا بُلند مرتبا وڌائيندو وڃ، ان لاءِ اسان کي بہ گهرجي زياده کان زياده قرآن پاڪ جي تلاوت ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون. جيڪي اسلامي ڀائر دُرست تلفظ سان گڏ قرآن پاڪ پڙهڻ نٿا ڄاڻن انهن جي خدمت ۾ مدني التجا آهي اڄ ئي درست قرآن پاڪ سکڻ جي لاءِ تيار ٿي وڃو، هن جو بهترين ذريعو



www.dawateislami.net

دعوت اسلامي جي تحت مختلف جڳهن تي ٿيڻ واري پوري رمضان المبارڪ ۽ آخري عشري جي اجتماعي اعتڪاف ۾ شريڪ ٿيڻ به آهي.

## اعتڪاف جي ترغيب

الحمد اللّٰه عَزَّوَجَلَّ هن جي برڪت سان جتي هن مقدس مهيني جي آخري عشري جو اعتڪاف ڪرڻ جي سعادت ملندي، ۽ علم دين جو تمام گهڻو ذخيرو حاصل ٿيڻ سان گڏ قرآن پاڪ صحيح تلفظ سان پڙهڻ به سکي وٺندوء ان شاءِ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ. اعتڪاف جا بيشمار فضائل آهن: مدينه جي تاجور، سلطان بحروبر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ گوهر نشان آهي: جيڪو شخص اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رضا و خوشنودي جي لاءِ هڪ ڏينهن جو اعتڪاف ڪندو آهي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي ۽ جنهّم جي وچ ۾ 3 خندقون حائل ڪندو جن جي مسافت مشرق ۽ مغرب جي فاصلي کان به وڌيڪ ٿيندي. (الدرالمنثور ج1 ص 486)

منا منا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو! جيڪو شخص اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ هڪ ڏينهن جو اعتڪاف ڪندو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي ۽ جهنّم جي وچ ۾ 3 خندقون حائل ڪندو ته جيڪو شخص رمضان المبارڪ جي آخري عشري ۾ اعتڪاف ڪندو ان کي ڪهڙن ڪهڙن انعامن سان نوازيو ويندو، ڇو ته رمضان ۾ ته نيڪين جو ثواب ڪيئي ڀيرا وڌي ويندو آهي. ان جي لاءِ زندگي جي هن موقعي کان فائدو وٺو ۽ رمضان المبارڪ جي آخري عشري ۾ سنّت اعتڪاف جي لاءِ تيار ٿي وڃو. بلڪ اڄ ئي اعتڪاف ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيو ۽ ثواب عظيم جا حقدار بڻجي وڃو!



www.dawateislami.net

رحمتیں لوٹنے کے لیے آؤ تم　　مَدَنی ماحول میں کر لو تم اِعتکاف
سُنَّتیں سیکھنے کے لیے آؤ تم　　مَدَنی ماحول میں کر لو تم اِعتکاف

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو

منا منا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان جنّت جي بهارن جي متعلق ايمان افروز بيان ٻڌو. جنّت ڪيئن هوندي؟ هن جي زمين ڪيئن هوندي؟ هن ۾ دريا ڪيئن هوندا؟ هن جي حُورن جو حليو ڪيئن هوندو؟ هن جي مٽي ڪيئن هوندي؟ در ۽ ديواريون ڪهڙي شيء جون هونديون؟ اهل جنّت جي لاءِ محلات ڪيئن هوندا؟ الغرض جنّت ۾ حاصل ٿيڻ وارين نعمتن جي متعلق اسان کي معلومات ملي. اسان جي دل ۾ به يقيناً جنّت جا عاليشان مڪانات حاصل ڪرڻ جي خواهش پيدا ٿي هوندي. يقيناً اسان به انهن عاليشان نعمتن سان سرفراز ٿي سگهون ٿا، شَرط صرف ايتري آهي ته اسان اخلاص ۽ استقامت سان جنّت ۾ وٺي وڃڻ وارا عمل ڪندا رهون. ان جي لاءِ سڀ کان پهريان پنهنجي دل ۾ خوف خدا پيدا ڪرڻو پوندو. ڇو ته جيستائين هي نعمت عظميٰ حاصل نه ٿيندي گناهن سان نفرت ۽ نيڪين سان محبت نه ٿي سگهندي عبادت ڪرڻ ۽ منع ٿيل شين کان رڪجڻ جو عظيم ذريعو خوفِ خدا آهي. خوفِ خدا پيدا ڪرڻ جو هڪ بهترين طريقو هي به آهي ته اسان خوف خدا جي متعلق قرآني آيتون، احاديث طيبه ۽ بزرگان دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِین جي اقوال ۽ احوال جو مطالعو ڪيون



www.dawateislami.net

ان شاءِ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ هن جي برڪت سان اسان ۾ بہ خوفِ خدا پيدا ٿيڻ سان گڏو گڏ فڪرِ آخرت جو بہ ذهن بڻجندو.

## ڪتاب جو تعارف

هن مقصد جي تڪميل جي لاءِ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل 160 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”خوفِ خدا“ جو مطالعو يقيناً مفيد ثابت ٿيندو. هن ڪتاب ۾ ڪيترين ئي آيتون، احاديث مبارڪہ، بزرگان دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِين جا واقعہ ۽ انهن جا فرمان، خوف خدا جي اهميت، خوف خدا پيدا ڪرڻ جا طريقا ۽ هن جي علامتن سان گڏوگڏ بيشمار مدني گل خوشبو لٽائي رهيا آهن. خوف خدا جي اهميت وڌائڻ ۽ دل ۾ خوف خدا جي شمع ٻارڻ جي لاءِ هي ڪتاب نهايت فائديمند آهي اج ئي مڪتبة المدينہ تان هديو ڏئي حاصل ڪري علم جي نور سان پنهنجي دلين ۽ ذهنن کي منّور فرمايو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان جي آخر ۾ سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. تاجدار رسالت شهنشاھ نبوت مصطفٰي جان رحمت شمع بزم هدايت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي: ”جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي. ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو“.

(مشڪاة المصابيح، ج 1، ص 55، حديث 75 ادارا الڪتب العلميہ بيروت)



www.dawateislami.net

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!          صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ننهن ڪٽڻ جا اهم مدني گل

منا منا اسلامي ڀائرو! اچو تہ شيخ طريقت امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”101 مدني گل“ مان ننهن ڪٽڻ جا ڪجهہ مدني گل پڙهون ٿا.

﴿1﴾ جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽڻ مستحب آهن. ها جيڪڏهن وڌي ويا هجن تہ جمعي جو انتظار نہ ڪريو. (درمختار ج 9 ص 668) صدرُالشَّريعہ، بدرالطَّريقہ مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِي فرمائن ٿا: منقول آهي: ”جيڪو جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽي الله تعاليٰ اُن کي ٻئي جمعي تائين مصيبتن کان محفوظ رکندو ۽ ٽي ڏينهن وڌيڪ يعني ڏهہ ڏينهن تائين. هڪ روايت ۾ هي بہ آهي تہ جيڪو جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽي تہ رحمت نازل ٿيندي ۽ گناهہ ڇڻندا. (درمختار و ردالمحتار ج 9 ص 668) ﴿2﴾ هٿن جا ننهن ڪٽڻ جي منقول طريقي جو خلاصو پيش خدمت آهي: پهرين ساڄي هٿ جي شهادت واري آڱر کان شروع ڪري ترتيبوار ڇيچ سميت ننهن ڪٽيا وڃن پر آڱوٺو ڇڏيو وڃي، هاڻي کٻي هٿ جي ڇيچ کان شروع ڪري ترتيبوار آڱوٺي سميت ننهن ڪٽيو، پوءِ هاڻي آخر ۾ ساڄي هٿ جي آڱوٺي جو ننهن ڪٽيو وڃي. (درمختار و ردالمحتار، ج 9 ص 670، احياءُ العلوم، ج 1، ص 193)



www.dawateislami.net

﴿3﴾ پيرن جا ننهن ڪٽڻ جي ڪا ترتيب منقول ناهي. بهتر اهو آهي تہ ساڄي پير جي چيچ کان شروع ڪري ترتيبوار آڱوٺي سميت ننهن ڪٽيو پوءِ کاٻي پير جي آڱوٺي کان شروع ڪري چيچ سميت ننهن ڪٽيو. (درمختار، ج 9 ص 670) ﴿4﴾ جنابت جي حالت (يعني غسل فرض ٿيڻ جي صورت) ۾ ننهن ڪٽڻ مڪروهہ آهي. (فتاويٰ عالمگيري ج 5 ص 358) ﴿5﴾ ڏند سان ننهن ڪٽڻ مڪروهہ آهي ۽ ان سان برص (يعني ڪوڙهہ) جي بيماري ٿيڻ جو انديشو آهي. (ايضًا) ﴿6﴾ ننهن ڪٽڻ کان پوءِ انهن کي دفن ڪري ڇڏيو ۽ جيڪڏهن اڇلائي ڇڏيو تہ بہ حرج ناهي. (ايضًا)

طرح طرح جون سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبةُ المدينہ جا شايع ڪيل 2 ڪتاب بهارِ شريعت حصو 16 (312 صفحا) نيز 120 صحفن جو ڪتاب ”سنّتون ۽ آداب“ هديةً حاصل ڪريو ۽ پڙهو. سنّتن جي تربيّت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنّتن پريو سَفَر بہ آهي.

مجھ کو جذبہ دے سفر کرتا رہوں پروردگار

سنتوں کی تربیت کے قافلے میں بار بار

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن، [1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو :جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

---

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

## (3)رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(1)

## (4)ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(2)

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰی لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيس پنهنجي ۽ صِدِّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَهٔ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن

---

1...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149



www.dawateislami.net

فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته ائين پڙهندو آهي.[1]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُمَا کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[3]

---

1 ...القول البديع، الباب الاول، ص125

2 ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

3 ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net

## (2) هر رات عبادت ۾ گذارڻ جو آسان نسخو

غرائب القرآن صفحه 187 تي هڪ روايت نقل ڪئي وئي آهي ته جيڪو شخص رات ۾ ٽي ڀيرا هي دعا پڙهندو ته ان جڻ شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو لهٰذا هر رات هي دعا پڙهڻ گهرجي. دعا هي آهي:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ۔

”يعني خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي.“

(فيضانِ سنّت ج اوّل، ص 1163، 1164)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net